Reg No 2677
ABC Certified
روزاني
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com
جلد :12 | سومر 13 نومبر 2023 ع بمطابق 28 ربيع الثاني 1445ھ | شمارو:33 | قيمت10روپيا

پ پ عوام جي خدمت ڪئي آهي، وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري ٿيندو، ايندڙ چونڊن مخالفن جو صفايو ڪري ڇڏينداسين

ن ليگ کي شفاف اليڪشن ۾ اقتدار ناهي مليو، سنڌ لاءِ پريشان نه ٿين: شرجيل ميمڻ

ايندڙ عام چونڊن ۾ مقابلو سنڌ ۾ نه پر پنجاب ۾ آهي، ايندڙ چونڊن ۾ پيپلزپارٽي ڪامياب ٿيندي ۽ بلاول ڀٽو زرداري وزيراعظم ٿيندو

ن ليگ وارا چون ٿا سنڌ جي حالت خراب آهي، اسان کي ٻڌائين ته پنجاب ۾ هنن ڇا ڪيو آهي؟ سنڌ ۾ پ پ خلاف پلي جيترا به اتحاد ٺاهيا وڃن پر ناڪام ٿيندا

نٿا چاهيون ته 2024ع ۾ ڪنهن هڪ شخص کي ملڪ تي مڙهيو وڃي، عوام نااهلن کي رد ڪندو، اڄ تائين ن ليگ کي شفاف اليڪشن ۾ اقتدار ناهي مليو

ن ليگ هميشه ڊانڊلي ذريعي اقتدار ۾ آئي آهي، ورهاست جي ڳالهه پي ٽي آءِ، ن ليگ ۽ ڪراچي جي پارٽي ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) پ پ اڳواڻ شرجيل ميمڻ چيو آهي ته اڄ تائين ن ليگ کي شفاف اليڪشن ۾ اقتدار ناهي مليو، ن ليگ سنڌ جي لاءِ پريشان نه ٿئي، ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي هن چيو ته ايندڙ عام چونڊن ۾ مقابلو سنڌ ۾ نه پر پنجاب ۾ آهي. ايندڙ چونڊن ۾ پيپلزپارٽي ڪامياب ٿيندي ۽ بلاول ڀٽو زرداري وزيراعظم ٿيندو، شرجيل ميمڻ جو چوڻ هو ته ن ليگ وارا چون ٿا سنڌ جي حالت خراب آهي، اسان کي ٻڌائين ته پنجاب ۾ هنن ڇا ڪيو آهي؟ سنڌ ۾ پ پ خلاف پلي جيترا به اتحاد ٺاهيا وڃن پر ناڪام ٿيندا، پ پ اڳواڻ وڌيڪ چيو ته نٿا چاهيون ته 2024ع ۾ ڪنهن هڪ شخص کي ملڪ تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: پ پ اڳواڻ شرجيل ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

هڪ ڪروڙ 60 لک روپين جا نان ڊيوٽي ادا ڪيل جعلي سگريٽ هٿ

اسلام آباد (م ڊ) فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) ڇاپن دوران 1.6 ملين رپين جا نان ڊيوٽي ادا ڪندڙ جعلي سگريٽ هٿ ڪري ورتا. ايف بي آر جو چوڻ آهي ته اسپيشل ٽيمن مختلف شهرن ۾ 429 ڇاپا هنيا آهن ڇاپي دوران وڏي مقدار ۾ بغير ڊيوٽي جي جعلي سگريٽ هٿ ڪئي وئي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڪنهن به پارٽي جو ترجمان هجڻ سان صدر جي عزت گهٽجي ٿي، هو نٿا چاهين ته هو اچي : سڌسماءَ وارو نگران وفاقي وزير

بهتر ٿيندو ته صدر ڪنهن جماعت جو ترجمان نه ٿي: مرتضيٰ سولنگي

صدر سڄي ملڪ جو صدر هوندو آهي. هو ڪنهن پارٽي جو صدر ناهي، مان ڪيس عرض ڪندس ته هو پنهنجي آئيني حيثيت جو احترام ڪن

توانائي جي متبادل ذريعن مان بجلي حاصل ڪرڻ تي ڌيان ڏنو پيو وڃي، مستقبل جي حڪومتن لاءِ ضروري آهي ته اها پاليسي جاري رکي، توانائي جي متبادل ذريعن تي وڌيڪ ڌيان ڏنو وڃي

گڏريل حڪومت سولر مان بجلي پيدا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، مهانگي بجلي جي پيداوار عوام تي بار آهي، چين توانائي جي شعبي ۾ تمام گهڻي مدد ڪئي آهي

اليڪشن ڪميشن جي موجوده قيادت انتهائي ذميوار ۽ باصلاحيت ماڻهن تي مشتمل آهي، نگران حڪومت عام چونڊن جي حوالي سان اليڪشن ڪميشن جي مدد ڪندي

اقتدار عوام جي چونڊيل نمائندن ڏانهن منتقل ڪيو ويندو، عام چونڊون ۽ تحفظات جمهوريت جو حصو آهن : لاهور ۾ ميڊيا سان ڳالهيون

لاهور (م ڊ) سڌ سماءَ واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي يقين ڏياريو آهي ته نگران حڪومت عام چونڊن جي حوالي سان اليڪشن ڪميشن سان سهڪار ڪندي، لاهور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي سڌ سماءَ واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي چيو ته صدر سڄي ملڪ جو صدر هوندو آهي. هو ڪنهن پارٽي جو صدر ناهي، مان ڪيس عرض ڪندس ته هو پنهنجي آئيني حيثيت جو احترام ڪن، بهتر ٿيندو ته رياست جو صدر ڪنهن پارٽي جو ترجمان نه بڻجي. ڪنهن به پارٽي جو ترجمان هجڻ سان صدر جي عزت گهٽجي ٿي، هو نٿا چاهين ته هو اچي نگران وفاقي وزير وڌيڪ چيو ته توانائي جي متبادل ذريعن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

لاهور: سڌ سماءَ واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي: (ن) ليگ وفد جي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻن سان ملاقات

مسلم ليگ (ن) ۽ ايم ڪيو ايم اڳواڻن وچ ۾ ڪراچي ۾ ملاقات ٿي جنهن ۾ سنڌ جي سياسي صورتحال بابت معاملا غور هيٺ آيا

ٻنهي پارٽين وچ ۾ رابطن ۽ معاملن جي لاءِ 3_3 ميمبرن تي ٻڌل ڪميٽيون به جوڙيون وينديون : ذريعا

ملاقات ۾ 3 اهم آئيني ترميمون به وفد جي سامهون رکيون ويون

ڪراچي (م ڊ) مسلم ليگ (ن) جي وفد ڪراچي ۾ متحده قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) پاڪستان جي اڳواڻن سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ ايم ڪيو ايم جي اڳواڻن چونڊن ۽ چونڊن کان پوءِ جي لاءِ مطالبا سامهون رکي ڇڏيا آهن. ذريعن موجب مسلم ليگ (ن) ۽ ايم ڪيو ايم اڳواڻن وچ ۾ ڪراچي ۾ ملاقات ٿي جنهن ۾ سنڌ جي سياسي صورتحال، چونڊ سياست، سنڌ ۾ ٿيڻ حڪمت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي: مسلم ليگ (ن) جو وفد متحده قومي موومينٽ اڳواڻن سان ملاقات بعد پريس ڪانفرنس ڪندي

پي ٽي آءِ چيئرمين جي فرنٽ پرسن فرح گوگي جو ڳجهو پاسپورٽ منظر عام تي اچي ويو

مني لانڊرنگ لاءِ فرح گوگي هڪ غير معروف ملڪ وينا ٽائو جو ڳجهو پاسپورٽ ٺهرايو

فرح گوگي جي غيرقانوني طريقي سان چوري ڪيل پئسن کي لڪائڻ جي هڪ ٻي چال به وائکي ٿي وئي

پراپرٽي ٽائڪون بزنس مين کي پاسپورٽ لاءِ هڪ لک 30 هزار ڊالر فراهم ڪيا

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ جيئرمين جي فرنٽ پرسن فرحت شهزادي عرف فرح گوگي جو ڳجهو پاسپورٽ منظر عام تي اچي ويو آهي مني لانڊرنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

رياض: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سعودي عرب جو دورو مڪمل ڪرڻ بعد ڏيهه واپسي تي سعودي عملدارن سان ملاقات ڪندي

صلاح الدين احمد پارن هندو برادري کي ڏياري مبارڪباد

ڪراچي (رپورٽر) هندو برادري سميت ٻين اقليتي برادرين جي ملازمن کي پنهنجي مسلمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سنڌ ياترا جو مطلب سياسي رابطا بحال ڪرڻ آهي: ن ليگ

جي يو آءِ اڳواڻن ۽ پير پاڳاري سان 8 فيبروري تي ٿيندڙ چونڊن بابت ڳالهيون ٿيون : خواجا سعد رفيق

پاڳاري سان طئي ٿيو ته اڳتي به رابطا جاري رکيا ويندا. اڄ شام ايم ڪيو ايم اڳواڻن سان به ملاقات ٿيندي

ليگي اڳواڻن جو وفد ايم ڪيو ايم قيادت کي پارٽي سربراهه نواز شريف جو پيغام پهچائيندو : ذريعا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ پيپلز پارٽي کي ٽف ٽائيم ڏيڻ لاءِ نواز ليگ طرفان ڪراچي ۾ ڪئمپ قائم ڪئي وئي آهي. نواز ليگ چيو آهي ته سنڌ ياترا جو مقصد واضح آهي ته اسان سياسي توڙي سماجي رابطا بحال ڪرڻ آيا آهيون. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09


ن ليگ اڳواڻ خواجا سعد رفيق

ديوالي جو تهوار روشني ۽ خوشي جي علامت آهي: بلاول ڀٽو

ديوالي اونداهي تي روشني ۽ برائي تي چڱائي جي فتح جو پيغام آهي

پيپلزپارٽي بين المذاهب رواداري، ڀائيچاري، ڀائيچاري ۽ اتحاد تي يقين رکي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته ديوالي جو ڏهاڙو روشني ۽ خوشين جي علامت آهي. ديوالي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

غزه ۾ ٻارن کي وحشياڻي بمباري کان بچايو: يونيسيف

اسرائيلي فوج اسپتالن جي آس پاس علائقن کي گهيري ورتو آهي ۽ لڙائي جاري آهي

'سنگين صورتحال' آهي، دنيا جنگ بندي ڪرائي. 20 کان وڌيڪ نون ڄاول ٻارن جي غياتي به خطري ۾ آهي : ڊبليو ايڇ او

ڪراچي (م ڊ) گڏيل قومن جي صحت واري عالمي اداري ڊبليو ايڇ او چيو آهي ته غزه جي وڏي ۾ وڏي اسپتال الشفا سان ڪميونيڪيشن ختم ٿي ريو آهي. اسرائيلي بمباري سبب رابطي جو ڪو ذريعو ناهي بچيو، اسرائيلي فوج اسپتالن جي آس پاس علائقن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

نوازشريف جو بلوچستان جو دورو: اهم سياسي شخصيتن جي (ن) ليگ ۾ شموليت جو امڪان

شهباز شريف ۽ مريم نواز به نوازشريف سان گڏ بلوچستان ويندا : ذريعا

نوازشريف سان ملاقات کان پوءِ بلوچستان جا اهم سياسي اڳواڻ (ن) ليگ ۾ شامل ٿيندا

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ (ن) جو اڳواڻ ۽ اڳوڻو وزيراعظم نوازشرف اگاري تي بلوچستان جي دوري لاءِ ڪوئٽه پهچندو. (ن) ليگ ذريعن موجب نوازشريف اگاري تي بلوچستان جي دوري تي ڪوئٽه ويندو. نوازشريف دوري دوران بلوچستان ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پي ڊي ايم جي ڪارڪردگي تي پي ٽي آءِ پارن وائيٽ پيپر جاري

پي ڊي ايم 16 مهينن ۾ بهتر ڪم ڪندڙ معيشت کي تباهي جي ڪناري تي پهچايو

پي ڊي ايم حڪومت 16 مهينن ۾ پرڏيهي قرضن ۾ تقريبن 20 ٽريلين رپين جو اضافو ڪيو، مهانگائي قوت خريد کي ختم ڪري ڇڏيو

غربت جي شرح ۾ تيزيءَ سان اضافو ٿيو. ان کان علاوه پاڪستاني رپئي جي قدر ۾ بدترين گهٽتائي 122 جي لڳ ڀڳ ٿي وئي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) پاڪستان ڊيموڪريٽڪ موومينٽ (پي ڊي ايم) جي اتحادي حڪومت جي ڪارڪردگي تي وائيٽ پيپر جاري ڪري ڇڏيو آهي. پي ٽي آءِ ترجمان موجب پي ڊي ايم 16 مهينن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

فيصل آباد: بس ۽ ڪار ۾ ٽڪر، 5 ڄڻا فوت، 8 زخمي

بس ٻي قابو ٿي ٽريڪٽر ٽرالي سان ٽڪرائجي وئي

بس جي ٽڪر ۾ ڪار ۾ سوار 4 ڄڻا فوت ٿي ويا : ريسڪيو ذريعن

فيصل آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) فيصل آباد جي علائقي کهرانوالا ويجهو بس ۽ ڪار وچ ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ 5 ڄڻا فوت ۽ 8 زخمي ٿي پيا. ريسڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

غزه ۾ ويڙهه دوران وڌيڪ 5 اسرائيلي فوجي مارجي ويا

غزه جي پٽي تي زميني حملي ۾ مارجي ويل فوجين جو انگ 43 تي ويو

اسرائيلي فوج طرفان ٻڌايو ويو آهي ته چنچر تي اتر غزا پٽي ۾ ويڙهه دوران هڪ آفيسر ۽ 4 فوجي سخت زخمي ٿي پيا

غزه ۾ 7 آڪٽوبر کان جاري اسرائيلي حملن ۾ شهيدن جو انگ 11 هزار 78 تي ويو

غزه (م ڊ) غزه ۾ ويڙهه دوران وڌيڪ 5 اسرائيلي فوجي مارجي ويا. اسرائيلي فوج به پنهنجي فوجين جي مارجڻ جي تصديق ڪئي آهي. اسرائيلي فوج موجب غزه ۾ زميني ڪارروايىن ۾ وڌيڪ 5 فوجي مارجي ويا. جنهن ڪانپوءِ غزه جي پٽي تي زميني حملي ۾ مارجي ويل فوجين جو انگ 43 تي ويو آهي. اسرائيلي اخبار جي رپورٽ موجب اسرائيلي فوج طرفان ٻڌايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

غزه: اسرائيلي بمباري سبب ٿيل تباهي جو ڏيک

جسٽس (ر) ارشد ڪي پي جو نگران وڏو وزير مقرر

خيبرپختونخواهه جي نگران وڏي وزير جي نالي تي مشاورت لاءِ سي ايم هائوس ۾ اجلاس ٿيو

خيبرپختونخواهه جي اڳوڻي وڏي وزير محمود خان ۽ اڳوڻي مخالف ڌر اڳواڻ اڪرم دراني شرڪت ڪئي

رٽائرڊ جسٽس ارشد حسين شاهه جو نالو منظوري لاءِ گورنر خيبرپختونخواهه ڏانهن اماڻيو ويو آهي : ذريعا

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخواهه جي گورنر غلام علي جي منظوري کانپوءِ جسٽس رٽائرڊ ارشد حسين شاهه کي ڪي پي جو نگران وڏو وزير مقرر ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

جسٽس (ر) ارشد ڪي پي جنهن کي نگران وڏو وزير مقرر ڪيو ويو آهي

محمود خان ۽ دراني جو چونڊيل نگران وڏو وزير قبول نه هوندو: ظاهر شاهه طور

نگران وڏو وزير چونڊجڻ جي صورت ۾ عدالت ۾ وينداسين

خيبرپختونخواهه جي گورنر محمود خان ۽ اڪرم دراني کي ڪهڙي قانون تحت خط لکيو آهي

ڪوئيٽا (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ ظاهر شاهه طور چيو آهي ته محمود خان ۽ اڪرم دراني جي چونڊيل نگران وڏي وزير کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو. پشاور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ظاهر شاهه طور چيو ته محمود /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ٻيهر صدر ٿيڻ تي مهاجرن خلاف تاريخي آپريشن جو امڪان

ڊونلڊ ٽرمپ صدر بڻجڻ جي صورت ۾ غيرقانوني مهاجرن کي ڪئمپن ۾ رکيو ويندو : آمريڪي ميڊيا

جيڪڏهن ڊونلڊ ٽرمپ ٻيهر صدر ٿيو ته هر سال لکين ماڻهن کي ملڪ بدر ڪيو ويندو

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي ميڊيا دعويٰ ڪئي آهي ته جيڪڏهن ڊونلڊ ٽرمپ ٻيهر آمريڪا جو صدر ٿيو ته غير قانوني مهاجرن خلاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سنڌ ۾ ڌار ڌار روڊ حادثن ۾ ٽي ڄڻا فوت ۽ ٻه ڄڻا زخمي

سيوهڻ (رپورٽر) سنڌ جي مختلف علائقي ۾ ڌار ڌار روڊ حادثن ۾ ٽي ڄڻا فوت ٿي ويا ۽ ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا. ميرواهه گورچاڻي ويجهو ٽريڪٽر ٽرالي ۽ موٽرسائيڪل وچ ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا فوت ٿي ويا. ٻاءِ پاس تي تيز رفتار ٽريڪٽر ٽرالي جو ٽڪر لڳڻ سبب موٽرسائيڪل تي سوار قاسم حسين راجپوت ۽ تابش ملڪ موقعي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي ٽرين جي ٽڪر ۾ نگران وزير جو ڀاءُ فوت

نوجوان محمد حسن مري ريلوي ٽريڪ تي ٻڪريون چاري رهيو هو ۽ حادثو پيش آيو

پوليس پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺڻ بعد ضروري ڪرڻ بعد ايڌي ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر نگران صوبائي وزير خدا بخش مري جي ڀاءُ جي لاڏاڻي تي گهري ڏک جو اظهار

ملير (رپورٽر) ملير جي علائقي گهگهر ڦاٽڪ قادر نگر ويجهو ٽرين جي ٽڪر ۾ نگران صوبائي وزير سنڌ معدنيات جو ڀاءُ فوت، نوجوان محمد حسن مري ريلوي ٽريڪ تي ٻڪريون چاري رهيو هو ۽ حادثو پيش آيو واقعي جو اطلاع ملڻ تي اسٽيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

وڊيو ليڪ ٿيڻ کان پوءِ ٽڪ ٽاڪر عليزه سحر شادي ڪري ڇڏي

وائرل ٿيل وڊيوز ۾ عليزه سحر کي پنهنجي مڙس سان گڏ شادي هال ۾ انٽري ڏيندي ڏسي سگهجي ٿو

عليزه پنهنجي والدين سان گڏ رهندي ۽ وي لاگنگ ڪندي رهندي

مشهور ٽڪ ٽاڪر ۽ يو ٽيوب وي لاگر عليزه سحر

لاهور (م ڊ) پاڪستان جي مشهور ٽڪ ٽاڪر ۽ يو ٽيوب وي لاگر عليزه سحر غير اخلاقي وڊيو ليڪ ٿيڻ کان پوءِ شادي ڪري ڇڏي آهي. گذريل مهيني ٽڪ ٽاڪر عليزه سحر جي هڪ نازيبا وڊيو ليڪ ٿي هئي جنهن ۾ هو هڪ شخص سان وڊيو ڪال تي ڳالهيون ڪري رهي هئي. مذڪوره ليڪ وڊيو ڪال ۾ عليزه سحر ان شخص جي نامناسب فرمائش پوري ڪندي نظر آئي. جنهن کان پوءِ وڊيو ڪال تي موجود شخص عليزه سحر جي وڊيو ليڪ ڪري ڇڏي جنهن کان پوءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

خانه بدوش رائيٽرس ڪيفي طرفان سنڌي ادب جي روشن ستاري وليرام ولڀ لاءِ تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو

خانه بدوش رائيٽرس جي گهڻي وقت کان خواهش هئي ته وليرام ولڀ سان پروگرام ڪيو وڃي : امر سنڌو

بابا ڀاڳ پنهنجي آخري ڏينهن تائين لکڻ پڙهڻ جي ڪم سان وابسته رهيو ۽ پنهنجي سوانح عمري لکڻ به شروع ڪيائين : ڊاڪٽر ڪمليشور

حيدرآباد (رپورٽر) وليرام ولڀ جي لاءِ تعزيتي ميڙاڪو منعقد ڪيو ويو پروگرام جي ڪاروائي هلائيندي امر سنڌو چيو ته خانه بدوش رائيٽرس جي گهڻي وقت کان خواهش هئي ته وليرام ولڀ سان پروگرام ڪيو وڃي پر بدقسمتي سان اهو وقت نه اچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪرپشن ۽ ڪميشن "سسٽم" خوشحال سنڌ کي بدحال ڪري ڇڏيو: محمد حسين محنتي

اهوئي سبب آهي جو 76 سال گذرڻ باوجود ڪمي بدران سنڌ جي سورن ۾ اضافو ٿيو آهي

نگران وڏي وزير توڙي وزيرن جي پاڻ ۾ جنڊا پٽ مان لڳي ٿو ته صرف چهرا بدليا آهن

جماعت اسلامي معاشري جي اصلاح سان گڏ نظام ۽ قيادت جي تبديليءَ لاءِ پڻ جدوجهد ڪري رهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير اڳوڻي ايم اين اي محمد حسين محنتي چيو آهي ته ڪرپشن ۽ ڪميشن "سسٽم" خوشحالي سنڌ کي بدحال بڻائي ڇڏيو آهي. اهوئي سبب آهي جو 76 سال گذرڻ باوجود ڪمي بدران سنڌ جي سورن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

مڙس کان ناراض ٿي گهر آيل پسند جو پرڻو ڪندڙ ناري قتل

ڳوٺ عرضي هڪڙا ۾ ناري شالمين هڪڙو تي سندس سئوٽ عامر هڪڙو فائرنگ ڪئي

ڪجهه وقت اڳ ناري شالمين هڪڙو ياسر ڪوڪر نالي نوجوان سان گهران نڪري پرڻو ڪيو هو

اڏيرو لال (رپورٽر) اڏيرو لال ويجهو پسند جي پرڻي بعد مڙس کان ناراض ٿي گهر آيل ناري قتل ٿي وئي. ڪجهه وقت اڳ پسند پرڻو ڪندڙ ناري کي سئوٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪنهن جي پرواهه نه ڪندي حماس قيادت سان مليس، انهن کي پاڪستان مان اميد آهي: مولانا فضل الرحمان

اسان حماس قيادت سان ملاقات ۾ چيو ته پاڪستان جو ٻچو ٻچو فلسطين سان گڏ آهي

حماس به وضاحت سان چيو ته دنيا ۾ اسان جي اميد پاڪستان آهي

فلسطين ۾ اسان جون مائرون ۽ ڀينرون شهيد ٿيون آهن، فلسطين ۾ ڏهڙا ٻارن ۽ عورتن تي بمباري ڪري رهيا آهن

مري (م ڊ) جمعيت علماءِ اسلام جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته اسان حماس قيادت سان ملاقات ۾ چيو ته پاڪستان جو ٻچو ٻچو فلسطين سان گڏ آهي. حماس به وضاحت سان چيو ته دنيا ۾ اسان جي اميد پاڪستان آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

مري: جمعيت علماءِ اسلام جي سربراهه مولانا فضل الرحمان جلسي سان خطاب ڪندي

ميرواهه گورچاڻي پرسان تيز رفتار موٽر سائيڪل ۽ ٽريڪٽر ۾ ٽڪر، 2 ڄڻا فوت

ميرواهه گورچاڻي (رپورٽر) ميرواهه گورچاڻي ويجهو العباس شگر ملز وٽ ماشاءَ پيٽرول پمپ جي سامهون هڪ تيز رفتار موٽر سائيڪل ۽ ٽريڪٽر ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو نتيجي ۾ ڏگهڙي جا رهواسي موٽر سائيڪل تي سوار 20 ورهين جو قاسم حسين پٽ محمد شفيق راجپوت ۽ 17 ورهين جو تابش پٽ محمد حسين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پ پ اڳواڻ خورشيد شاهه، ن ليگ اڳواڻن اياز صادق ۽ سعد رفيق ڪراچي ۾ ملاقات

ملاقات دوران دوران گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

نواز شريف پنجاب ۽ سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم سان اتحاد ڪرڻ ڪانپوءِ هاڻي بلوچستان تي نظر رکي رهيو آهي : ذريعا

نواز شريف صوبي جي 20 کان وڌيڪ اهم سياسي شخصيتن سان ملاقاتون ڪندو

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ پيپلزپارٽي ۽ مسلم ليگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اسلام آباد: پاڪستان تحريڪ انصاف جو سينيئر اڳواڻ شعيب شاهين پريس ڪانفرنس ڪندي

زال ته ڌيڻ تان جوابدار جي فائرنگ، سهرو ۽ سالي زخمي

سيوهڻ (رپورٽر) سيوهڻ جي ڪوسا پاڙي ۾ جوابدار حبيب الله ٻرڙي زال نه ڏيڻ تان گوليون هڻي سهري رسول بخش لانگاهه ۽ سالي بينظير کي مرٽينگ ڪري ڇڏيو واقعي بعد وارثن زخمي ٿيل پيءُ ۽ ڌيءَ کي گهڻتي جوڳي حالت ۾ سيوهڻ جي اسپتال پهچايو جتان شروعاتي علاج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

نيشنل پريس ڪلب ۾ ميڊيڪل ڪيمپ، صحافين لاءِ مفت معائنو

مسعودالرحمان ڪياني جي اڳواڻي ۾ ڊاڪٽرن هڪ هزار کان وڌيڪ صحافين ۽ انهن جي خاندانن جو مفت معائنو ڪيو

سي اسڪريننگ ٽيسٽ مفت ۾ ڪيا ويا، جڏهن ته مريضن کي مفت دوائون پڻ فراهم ڪيون ويون

اسلام آباد (م ڊ) نيشنل پريس ڪلب ۽ پنڊ جي سهڪار سان نيشنل پريس ڪلب اسلام آباد ۾ هڪ طبي ميلو منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ اين پي سي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسرائيل جي خلاف ڇو خاموش آهيو؟ رابي پيرزاده جو ملالا کان سوال

ڇا دنيا ۾ ڪوئي انسان آهي جيڪو انساني درندن کي روڪي هي سڀ ڇا آهي

آخر اسان هي انتها جو ظلم ڪيئن ٿيڻ ڏئي رهيا آهيون: سماجي ڪارڪن

لاهور (م ڊ) اڳوڻي ڳائڪي ۽ سماجي ڪارڪن رابي پيرزاده غزه ۾ ٿيندڙ اسرائيلي بمباري تي خاموش رهندڙ ملالا يوسفزئي کان سوال ڪري ورتو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي: ڊائو ميڊيڪل ڪاليج طرفان فلسطيني جي حق ۾ احتجاج ڪيو پيو وڃي

لاهور ۾ خوفناڪ روڊ حادثو، هڪ ئي خاندان جا 6 ڀاتي فوت

حادثي ۾ فوت ٿيلن جو واسطو هڪ ئي خاندان سان آهي : پوليس

حادثي ڪانپوءِ اهلڪارن پهچي شاهديون گڏ ڪيون

لاهور (م ڊ) لاهور جي علائقي ڊفينس ۾ گاڏين ۾ ٽڪر ٿي پيو، جنهن جي نتيجي ۾ 6 ڄڻا فوت ٿي ويا. پوليس موجب حادثي ۾ فوت ٿيلن جو واسطو هڪ ئي خاندان سان آهي. حادثي ڪانپوءِ اهلڪارن پهچي شاهديون ڏ ڪيون. ريسڪيو اختيارين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڊينگيءَ جا سڀ کان وڌيڪ ڪيس ڪراچي ۾ رپورٽ

نومبر ۾ ڪراچي ۾ رپورٽ ٿيندڙ ڊينگي جي ڪيسن جو انگ 1590 آهي

ڏکڻ ضلعي ۾ 307، اولهه ۾ 36، اوڀر ۾ 649، وچ ضلعي ۾ 256، ملير ۾ 91 ڪيس رپورٽ ٿيا

حيدرآباد ڊويزن ۾ 457، سکر ڊويزن ۾ 27، لاڙڪاڻي ۾ 35، ميرپورخاص ۾ 80 ۽ شهيد بينظيرآباد ۾ 16 ڪيس رپورٽ ٿيا

ڪراچي (م ڊ) سنڌ هيلٿ ڊپارٽمينٽ طرفان جاري ڪيل انگن اکرن موجب ڊينگي جا سڀ کان وڌيڪ ڪيس ڪراچي ۾ رپورٽ ٿيا آهن. نومبر ۾ ڪراچي ۾ رپورٽ ٿيندڙ ڊينگي جي ڪيسن جو انگ 1590 آهي. انگن اکرن موجب ڏکڻ ضلعي ۾ 307، اولهه ۾ 36، اوڀر ۾ 649، وچ ضلعي ۾ 256، ملير ۾ 91، ڪورنگي ۾ 138 ۽ ڪياماڙي ۾ 38 ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

نيشنل هاءِ وي اينڊ موٽروي پوليس پاران فرنٽ اوور لوڊنگ تي ڏنل رعايت ختم ڪرڻ جو اعلان

ڏنل رعايت ختم ڪندي اوور لوڊنگ گاڏين خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو

ايڪسل لوڊ ڪنٽرول ريجيم تي مڪمل عملدرآمد کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو ويندو: اعليٰ عملدار

هاءِ ويز تمام ٿوري عرصي ۾ تباهه ٿي وينديون آهن، خزاني کي اربين رپين جو نقصان برداشت نه پيو ٿئي

نوشهروفيروز(رپورٽر: منظور ملڪ)نيشنل هاءِ وي اينڊ موٽروي پوليس 15 نومبر کان ملڪ جي سمورن موٽروي ۽ نيشنل هاءِ ويز تي فرنٽ اوور لوڊنگ تي ڏنل رعايت ختم ڪندي اوور لوڊنگ گاڏين خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ان حوالي سان اعليٰ عملدارن جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

اسلام آباد: وفاقي سيڪريٽري شير عالم محسود اعليٰ سطح اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر
پاران خدا بخش مري جي پاءُ جي
لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر نگران صوبائي وزير خدا بخش مري جي پاءُ جي لاڏاڻي تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو آهي. هن مرحوم محمد حسن مري جي بلند درجات ۽ گهرڀاتين کي صبر لاءِ دعا ڪئي آهي.

*****

گهوٽڪي ۾ ميٽر چورن رڻ ٻهاري ڏنو، گئس ميٽر جي چورين ۾ اضافو ٿي ويو

لوڊشيڊنگ هئڻ جو فائدو وٺندي چورن گهرا اڳيان لڳل گئس جا ميٽر چوري ڪرڻ لڳا

صحافي جاويد احمد عباسي جي گهر واري گهٽي ۾ لڳل ٽي عدد گئس ميٽر لاهي فرار ٿي ويا

گهاڙو رپورٽر(بشام جوکيو) گهاڙو ۾ ميٽر چورن رڻ ٻهاري ڏنو. گذريل ڪجهه ڏينهن کان شهر جي مختلف علائقن ۾ گئس ميٽر جي چورين ۾ اضافو ٿي ويو. شهر ۾ گئس جي لوڊشيڊنگ هئڻ جو فائدو وٺندي چورن رات ۾ گهر اڳيان لڳل گئس جا ميٽر چوري ڪري فرار ٿيو وڃن. پيرائتي خبر موجب: گهاڙو شهر گئس ميٽرن جي چوري جي آزار وڏي ويو ڪجهه عرصي کان گهاڙو ۾ گئس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سلطانپور ڪينٽ ٿاڻي جي حد ۾ 15 ڏينهن اڳ قتل ٿيلن جا جوابدار گرفتار نه ٿيا

زميني تڪرار تان هٿيارٻندن جي حملي ۾ قتل ٿي ويل ٻن مقتولين جا قاتل گرفتار نه ٿيا

انور علي شر، عطا محمد، استاد رسول بخش، ڪريمداد شر ۽ ٻين پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

نوٽيس وٺي شهيدن جا قاتل گرفتار ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو: وارث

سلطانپور(رپورٽر: قربان علي مهر) سلطانپور ڪينٽ ٿاڻي جي حد ۾ 15 ڏينهن اڳ زميني تڪرار تان هٿيارٻندن جي حملي ۾ قتل ٿي ويل ٻن مقتولين جا قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا. قاتلن جي گرفتاري لاءِ مقتولين جي وارثن انور علي شر، عطا محمد، استاد رسول بخش، ڪريمداد شر ۽ ٻين صحافين جي ڳوٺ 27 ڪلوميٽر پري اچي اسان جي ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سلطانپور: ڪينٽ ٿاڻي جي حد ۾ قتل ٿيل نوجوان جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

تعليم کاتي سکر ۾ غير قانوني ڪينٽينن جي ڏهاڙي 30 هزار، ريڙهين کي اسڪولن اندر ويهڻ جي اجازت

تعليم کاتي جي ماهوار ڪرائي جي مد ۾ هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ ڪرپشن جو مبينا انڪشاف ڪيو ويو آهي

انوکي ڪرپشن ڊائريڪٽر ايجوڪيشن سکر ۽ تعليم کاتي اندر ويٺل مافيا وچ ۾ مقررين ۽ بدلين تي به ڇڪتاڻ تيز

ايجوڪيشن شهاب الدين انڊڙ بڙاج ڪالوني گرلس هاءِ اسڪول جي ڪينٽين جو ماهوار ڪرايو 30 هزار مقرر ڪري ڇڏيو

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) تعليمي کاتي سکر ۾ غيرقانوني ڪينٽينن جي ڏهاڙي 30 هزار ريڙهين کي اسڪولن اندر ويهڻ جي اجازت لاءِ في ريڙهي 300 رپيا مقرر سکر ضلعي اندر تعليم کاتي جي ماهوار ڪرائي جي مد ۾ هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ ڪرپشن جو مبينا انڪشاف اهڙي انوکي ڪرپشن ۾ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن سکر ۽ تعليم کاتي اندر ويٺل مافيا وچ ۾ مقررين ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ناروشاهه پرسان دربيلو ۾ چورن ۽ پوليس ۾ مقابلو، اهلڪار شهيد، شهرين طرفان شٽر بند هڙتال

دربيلو وٽ ڳوٺ عبدالمجيد مهيسر ۾ بچل مهيسر جي گهر مان هٿيارٻندن چوري جي ڪوشش ڪئي

جابر راجپوت ۽ سڌير لاڙڪ چورن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي چورن ۽ پوليس اهلڪارن ۾ مقابلو ٿي ويو

نوجوان جابر راجپوت جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ راجپوت برادري ۽ شهرين طرفان دربيلو ۾ شٽر بند هڙتال ڪئي وئي

نوشهروفيروز)رپورٽ منظور ملڪ(ناروشاهه پرسان دربيلو ۾ چورن ۽ پوليس ۾ مقابلو هڪ پوليس اهلڪار جانبحق هڪ زخمي چوري ٿيل مينهن ڇڏي چور فرار راجپوت برادري ۽ شهرين طرفان شٽر بند هڙتال شهر بند جوابدار گرفتار نه ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

لاڙڪاڻي جي ميروخان چوڪ وٽ
تيز رفتار ٽرڪ جو رستي ويندڙ
واٽهڙن کي ٽڪر

لاڙڪاڻو(رپورٽر) لاڙڪاڻي جي ميروخان چوڪ واري علائقي ۾ تيزرفتار ٽرڪ جو رستي ويندڙ واٽهڙن کي ٽڪر نتيجي ۾ هڪ ڄڻو فوت، 2 زخمي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ٽرڪ ڊرائيور کي گرفتار ڪري زخمين ۽ فوتي کي ڪٽائي چانڊڪا اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ منتقل ڪيو ويو.

*****

نوشهروفيروز: مبينا مقابلي ۾ شهيد ٿيل اهلڪار جي حياتي جي تصوير، ٻئي طرف حياتي جي تصوير

سکر ۾ 35 گهنٽه پلاٽ تي قبضي وارو معاملو، سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس داخل هجڻ باوجود ڪم جاري

ديهه آباد جاگير ٽيو پراٽو سکر ۾ پلاٽ نمبر 80/6 جي مالڪي واري معاملي تي پلاٽ تي تعميراتي ڪم جاري

بيواهه فريدا خاتون زال محمد بخش لاکو سکر ۾ اخباري آفيسن ۾ پهچي ڪري احتجاج ڪندي انصاف جي گهر ڪئي

اسسٽنٽ ڪمشنر ماجد ماڪو، ڪلارڪ قربان دايو ۽ ٻين جي مدد سان جعلي ڪاتي ٺهرائي زمين تي قبضو ڪري ڇڏيو: بيواهه

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ 35 گهنٽه پلاٽ تي قبضي وارو معاملو، سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس داخل هجڻ باوجود پلاٽ تي تعميراتي ڪم جاري. متاثرين جو احتجاج خبرموجب ٺٺون سکر تعلقي جي ديهه آباد جاگير ٽيو پراٽو سکر ۾ پلاٽ نمبر 80/6 جي مالڪي واري معاملي تي سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ڪراچي رجسٽري ۾ هلندڙ ڪيس باوجود پلاٽ تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪوٽ غلام محمد ۾ 33 کان 39 پي ٽي ايس ۽ جي ايس ٽي جي اميدوارن پاران احتجاج

پريس ڪلب پهچي گورنمنٽ پاران ٿيل ناجائزن خلاف سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

اميدوارن تيمور لغاري اختر ڪنڀار مکيش ڪمار پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو، نعريبازي

تعلقي ڪوٽ غلام محمد ۾ ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ سرڪاري اسڪول بند پيل آهن: مظاهرين

ڪوٽ غلام محمد(رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد تعلقي ۾ 33 کان 39 PST ۽ JST جي اميدوارن پريس ڪلب پهچي گذريل گورنمنٽ پاران ٿيل ناجائيزين خلاف سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو هڪ سنڌ هڪ پاليسي جو مطالبو ڪوٽ غلام محمد عوامي پريس ڪلب تي IBA سکر 33+39 PST ۽ JST جي اميدوارن تيمور لغاري اختر ڪنڀار مکيش ڪمار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪوٽ غلام محمد: پي ٽي ايس ۽ جي ايس ٽي اميدوار پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪري رهيا آهن

مقصد صرف تنظيم هلائڻ
ناهي پر سڄو ڌيان تعليم تي به
آهي: اسرار احمد شاهه

شاهپور چاڪر(رپورٽر) اسان جو مقصد صرف تنظيم هلائڻ ناهي پر سڄو ڌيان سنڌ جي تعليم تي به آهي. تعليم هوندي ته سنڌ اڳتي وڌندي. ترقي يافته ملڪن جو فوڪس سڀ کان اول تعليم تي آهي ۽ ان ڪري ئي اڄ هو دنيا ۾ ترقي ماڻي اڳتي نڪري چڪا آهن. سڀسا سنڌ جي سينئي استاد تنظيمن جي اڳواڻي ڪري رهي آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دولت پور صفن ۾ آءِ بي اي سکر پاران پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي جي ٽيسٽ ڏيندڙ اميدوارن پاران احتجاج

من پسند علائقن کي هارڊ ايريا قرار ڏيڻ خلاف سٽي دولت جي اميدوارن جو باب گلڻ چام کان ريلي ڪڍي وئي

سنڌ حڪومت پاران هارڊ ايريا وارن کي 33 کان 39 مارڪن تي پاس ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي: مظاهرين

هڪ پاليسي هجڻ گهرجي حڪومت ڌارين جي واٽ تي هلندي ٻن حصن ۾ ورهائڻ جي سازش ڪري رهي آهي

دولت پور صفن (رپورٽر) آءِ بي اي سکر پاران پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي جي ٽيسٽ ڏيندڙ اميدوارن سنڌ حڪومت پاران پنهنجي من پسند علائقن کي هارڊ ايريا قرار ڏيڻ خلاف سٽي دولت جي اميدوارن جو باب گلڻ چام کان نيشنل پريس ڪلب دولت پور تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻ محمد اڪرم چنا محسن علي ملاح ممتاز ملاح جاويد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪينجهر پوليس جي حد ۾ علي بحر پرسان تارا برادري جي ٻن ڌرين ۾ تڪرار، جهيڙي وارو معاملو

مهتاب تارو اسپتال ۾ زخمن جي سهنڌي تاب نه سهندي فوت ٿيو، جنهن جي لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام

تارا برادري جي هڪ ٻئي جهيڙي جي انديشي سبب وڏي تعداد ۾ پوليس ڳوٺ ۾ ڀاري چڙهيو

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ڪينجهر ٺنڊ پرسان ڳوٺ علي بحر ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ تارا برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٿيل جهيڙي ۾ زخمي ٿيل ڳوٺاڻو مهتاب تارو ڪراچي جي اسپتال ۾ فوت ٿي ويو ياد رهي ته گذيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

مانجهند ۾ پيرسن جو خاندان سميت زمين تي مبينا قبضي ۽ جوابدارن خلاف احتجاج

وڏيري جي ظلم ۽ پوليس جي ناانصافي خلاف پٽي برادري طرفان 17 ڏينهن کان مظاهرو

جسقم اڳواڻ حاجي اصغر خاصخيلي ايس يو پي جي يوسف عمراڻي سماجي اڳواڻن شريڪ ٿيا

مانجهند (رپورٽر: سهڻان عمراڻي) مانجهند ۾ علائقي جي هڪ هاري پيرسن جو خاندان سميت زمين تي مبينا قبضي ۽ جوابدارن تي ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ 17 ڏينهن کان احتجاج جاري آهي. مانجهند ۾ وڏيري جي ظلم ۽ پوليس جي ناانصافي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

مانجهند: زمين تي مبينا قبضي خلاف رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز ۾ پوليس اهلڪار جابر راجپوت جي شهادت ڪانپوءِ واقعي جا جاچ شروع

پوليس اهلڪارن کي ڌاڙيلن اغوا نه ڪيو هيو ۾ ڌاڙيلن مهيسرن جي ڳوٺ مان چوري ڪئي: ڊي ايس پي

ديوٽي تي موجود پوليس اهلڪارن جابر راجپوت ۽ سڌير لاڙڪ جو ڌاڙيلن سان اوچتو مقابلو ٿي پيو: مجيب الرحمان

نوشهرو فيروز(رپورٽر: منظور ملڪ) پوليس اهلڪار جابر راجپوت جي شهادت ڪانپوءِ واقعي واري ڪانپوءِ ڊي ايس پي پريا سٽي مجيب الرحمان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ايس ايس پي ٺٽو علي بخش عرف آفتاب احمد نظاماڻي جي هدايتن تي ڪارروايون

ڌوهارين، منشيات فروشن اشتهاري جوابدارن خلاف ڪارروايون جو سلسلو جاري آهي

460350 ڪٽي 500 ڪلو گرام وزني سوپاري ۽ گٽڪا جا 1000 پنا هٿ ڪيا ويا

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ايس ايس پي ٺٽو علي بخش عرف آفتاب احمد نظاماڻي جي هدايتن تي ڌوهارين، منشيات فروشن اشتهاري جوابدارن خلاف ڪارروايون جو سلسلو جاري آهي. هڪ گٽڪو وڪرو ڪندڙ جوابدار محمد آزاد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

گورنمينٽ هائيرسيڪنڊري اسڪول ڪلهوڙا اسٽيشن ۾ بيسٽ ٽيچر ايوارڊ تقريب

ڊسٽرڪٽ نيشنل پريس ڪلب جي صدر اير ظفر ٽڳر سميت پوري ڪي ٽيم کي ايوارڊ ڏنو ويو

تقريب دوران مختلف ڇوڪرن ڇوڪرين بهترين ٽيبلوز ڪري اسان ڏسندڙن کي اچرج ۾ رکهي ڇڏيو

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) گورنمينٽ هائيرسيڪنڊري اسڪول ڪلهوڙا اسٽيشن ۾ بيسٽ ٽيچر ايوارڊ تقريب ٿي گذر 11 اسڪولن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز: گورنمينٽ هائيرسيڪنڊري اسڪول ۾ منعقد تقريب کي اڳواڻ خطاب ڪندي

بدين ۾ تنظيم اساتذه پاڪستان جي اليڪشن سيشن 2023_2025 لاءِ اجلاس منعقد

جماعت اسلامي جي نائب امير ۽ ناظم انتخاب الله بچايو هاليپوٽو خاص طور تي شرڪت ڪئي

گورنمينٽ اسلاميه ڊگري ڪاليج بدين جو پروفيسر پروفيسر رائو محمد اعظم صدر چونڊجي ويو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ضلعي ۾ تنظيم اساتذه پاڪستان جي اليڪشن سيشن 2023 کان 2025 لاءِ اهم اجلاس مسجد اقصيٰ بدين ۾ ٿي گذريو اجلاس ۾ جماعت اسلامي ضلعي جي نائب امير ۽ ناظم انتخاب الله /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

عوام کي معياري ۽ ملنڊڙ شين جي فراهمي لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون: آغا افتخار حسين

عوام ۾ شعور ۽ آگاهي پيدا ڪئي رجي ته جيئن اهڙن عنصرن جي نشاندهي ڪئي رجي: ڊائريڪٽر

عناصر عوام جي صحت سان کيڏي رهيا آهن ته جيئن انهن خلاف سخت ڪارروائي ڪري سگهجي

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ڊائريڪٽر جنرل آغا افتخار حسين چيو آهي ته سنڌ فوڊ اٿارٽي صوبي ۾ عوام کي معياري ۽ ملنڊڙ شين جي فراهمي لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪري رهي آهي. سنڌ فوڊ اٿارٽي جي عملدارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سکر: ڊائريڪٽر جنرل فوڊ اٿارٽي آغا افتخار حسين اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

سلطانپور ويجهو ڳوٺاڻن پاران زمين تي مبينا قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو

زمين تي بااثر قبضو ڪري رهيا آهن، پوليس به پٺ ٻڌيل انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

عبيد الله عرف (پپلو) ۽ ٻيا ڌاڙ ۽ هٿيارن جي زور تي زمين تي زبردستي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا

سلطانپور (رپورٽر) سلطانپور ويجهو ڳوٺاڻن پاران زمين تي مبينا قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو، اسان جي زمين تي ڳوٺ جا بااثر قبضو ڪري رهيا آهن، پوليس به بااثر سان پٺ ٻڌيل انصاف ڪيو وڃي متاثر ڳوٺاڻا خبر موجب سلطانپور ويجهو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

پرياسٽي پرسان ڳوٺ عثمان سولنگي جي رهواسي ناري مبينا طور اغوا، احتجاجي مظاهرو

عثمان سولنگي جي رهواسي ڳوٺاڻن عورتن توڙي مردن اڪبر سولنگي جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو

جوابدار ڪاڌي ۾ نشو ڏئي روشنا سولنگي کي اغوا ڪري گهر مان سامان پڻ کڻي ويا آهن: مظاهرين جو الزام

نوشهرو فيروز(رپورٽر: منظور ملڪ) پرياسٽي پرسان ڳوٺ عثمان سولنگي جي رهواسي ناري مبينا طور اغوا وارثن جو جوابدارن توڙي پوليس زيادتين خلاف احتجاج ان سلسلي ۾ ڳوٺ عثمان سولنگي جي رهواسي ڳوٺاڻن عورتن توڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سکر جي سلير ڪالوني ريجنٽ سکر جي رهواسي پاران پٽ جي گم ٿيڻ تي احتجاج

محمد رفيق عباسي پنهنجي گم ٿيل پٽ جي ڳولا لاءِ پنهنجي پاءُ نديم سان گڏ مظاهرو ڪيو

26 ورهين جو پٽ نومي عباسي جنهن جو دماغي توازن ٺيڪ ناهي، نوٽيس وٺي ڳولا ڪئي وڃي: والد

سکر(بيورو رپورٽ) سکر جي سلير ڪالوني ريجنٽ سکر جي رهواسي محمد رفيق عباسي پنهنجي گم ٿيل پٽ جي ڳولا لاءِ پنهنجي پاءُ نديم ۽ پاٽين سان گڏ سکر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو ته سندس 26 ورهين جو پٽ نومي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سکر: ريجنٽ سلير ڪالوني جا رهواسي نوجوان جي گمشدگي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

پاڪستان فشر فوڪ فورم ضلعي بدين جي گورننگ باڊي جي گڏجاڻي، اهم معاملن تي ڳالهيون

بدين ۽ ٺٽي جي ساحلي پٽي جي هزارين ايڪڙ زمين سازش تحت ڌارين جي حوالي ڪرڻ جي مذمت

ديهن جي ڳوٺن ۾ وڃي معلومات گڏ ڪرڻ سان گڏ زمينون ڌارين جي حوالي ڪرڻ خلاف جهدوجهد جو اعلان

ماهگيرن کي بيدخل نه ڪري انصاف ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ هن عمل جي ڀرپور مزاحمت ڪئي ويندي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) پاڪستان فشر فوڪ فورم ضلعي بدين جي گورننگ باڊي جي گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ مختلف يونٽن ۽ ماهگيرن ۽ هارين شرڪت ڪئي گڏجاڻي ۾ بدين ۽ ٺٽي جي ساحلي پٽي جي هزارين ايڪڙ زمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

بدين: پاڪستان فشر فوڪ فورم جا اڳواڻ گڏجاڻي ڪري رهيا آهن

سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر
شام سندر کي آڏواڻي پاران
ڏياري جي ڏڻ تي مبارڪون

ڪراچي (رپورٽر) سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر شام سندر کي آڏواڻي ڏياري جي شپ ڏڻ جي موقعي تي سنڌ سميت سموري ملڪ ۾ رهندڙ هندو ۽ مسلمان پاڻرن کي ڏياري جون واڌايون ڏيندي چيو آهي ته ڏياري دراصل روشنين جو ڏڻ آهي، جنهن جو مقصد برائي مٿان چڱائي ۽ اونده مٿان روشنيءَ جو غالب اچڻ آهي، اسان کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

اسرائيلي ظلمن خلاف آواز اٿارڻ اخلاقي ۽ انساني فرض آهي: مولانا تنوير الحق ٿانوي

ايمان جو مسئلو آهي، اسرائيل فلسطين جي زمين تي ناجائز قبضو ڪري چڪو آهي

فلسطيني ڀائرن سان گڏ بيٺا آهيون ۽ طاغوتي قوتون مسلمانن تي ظلم ڪري رهيون آهن

سکر(بيورو رپورٽ) اسرائيلي ظلمن خلاف آواز اٿارڻ اخلاقي ۽ انساني فرض آهي. فلسطين جو مسئلو اسلام ۽ ايمان جو مسئلو آهي. اسرائيل فلسطين جي زمين تي ناجائز قبضو ڪري چڪو آهي. اهڙن خيالن جو اظهار نامور عالم مولانا تنوير الحق ٿانوي ڪيو. جامع احتشاميه جڪ لائن ڪراچي جي صدر جامعه اشرفيه سکر جي صدر ۽ نامور اسڪالر مولانا ڊاڪٽر محمد اسعد ٿانوي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس سکر جو اجلاس، ڪارڪن شريڪ، اهم معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

جي ڊي اي جنرل سيڪريٽري صفدر عباسي، (ف) ليگ سنڌ جي جنرل سيڪريٽري ۽ ٻين شرڪت ڪئي

غلام نبي منگريو وقارجت، اڪبر ڪيريو، فقير عنايت ڏيرو، مير اعجاز ٽالپر، محسن هنگورو ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ظالمن کان نجات ڏيارڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪئي وئي آهي، جي ڊي اي ۾ شامل سموريون پارٽيون پيج تي آهن: صفدر عباسي

سکر(بيورو رپورٽ) گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس سکر جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ جي ڊي اي جي جنرل سيڪريٽري صفدر عباسي، فنڪشنل ليگ سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سردار عبدالرحيم، اڪبر ڪيريو، فقير عنايت ڏيرو، مير اعجاز ٽالپر، محسن هنگورو ۽ ٻين شرڪت ڪئي، انفارميشن سيڪريٽري سردار عبدالرحيم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڪراچي ڊٺي بخش بروهي ڳوٺ ۾
قائم منهنجي امڙ لائبريري ۽ ٻهار
فائونڊيشن پاران ڪئمپ قائم

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچي ڊٺي بخش بروهي ڳوٺ ۾ قائم منهنجي امڙ لائبريري ۽ ٻهار فائونڊيشن پاران ميڊيڪل ڪئمپ قائم ڪئي وئي جنهن ۾ ڊاڪٽرن مريضن جو مفت معائنو ڪيو ۽ دوائون ڏنيون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سکر: صفدر عباسي گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس جي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

اقليتي برادرين جي ملازمن کي مسلمان ڀائرن سان گڏ ڪم ڪندي خوشي ٿي آهي: صلاح الدين احمد

ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي شهر جي خدمت ڪندي ڏسي بيحد خوشي ۽ اطمينان محسوس ڪري رهيا آهيون

اداري جي استحڪام، نيڪ نامي ۽ شهرين جي خدمت بلخصوص ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۾ اهم ڪردار آهي

پاڪستان جي ترقي ۾ ٻين مذهبن سان تعلق رکندڙ اقليتن سميت هندو برادري جون پڻ بيشمار خدمتون شامل آهن

ڪراچي(رپورٽر) هندو برادري سميت ٻين اقليتي برادرين جي ملازمن کي پنهنجي مسلمان ڀائرن سان گڏ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي شهر جي خدمت ڪندي ڏسي بيحد خوشي ۽ اطمينان محسوس ڪري رهيا آهيون چاڪاڻ ته واٽر ڪارپوريشن جي ٻين ملازمن وانگر هندو برادري سان تعلق رکندڙ سمورن آفيسرن ۽ ملازمن جو اداري جي استحڪام، نيڪ نامي ۽ شهرين جي خدمت بلخصوص /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڪوٽ غلام محمد لڳ ڏهون ميل واسي 10 ورهين جي نينگري مبينه اغوا، احتجاجي مظاهرو

اسان جي نابالغ نياڻي کي علائقي جا بااثر اغوا ڪري ويا آهن نياڻي واپس ڪرائي وڃي: مظاهرين

10 ورهين جي نسيم گورچاڻي مبينه اغوا خلاف نينگري جي وارثن مردن عورتن ٻارڙن احتجاج ڪيو

اسان جي معصوم نينگري کي بازياب ڪرائي ملوث جوابدارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) لڳ ڏهون ميل واسي 10 ورهين جي نينگري مبينه اغوا، وارثن جو ٿاڻي ۽ عوامي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرين ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان جي نابالغ نياڻي کي علائقي جا بااثر اغوا ڪري ويا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪوٽ غلام محمد: ڏهون ميل واسي 10 ورهين جي نينگري مبينه اغوا خلاف وارث احتجاج ڪندي

مرزا فيملي پاران مسلم ليگ ن ۾ شموليت جي فيصلي تي اختلاف تيز

مسلم ليگ ن سنڌ جو صدر بشير احمد ميمڻ مرزا فارم هائوس تي پڻ اچي رهيو آهي

ليگ ن ۾ شموليت جي باضابطا دعوت ڏني ويندي ۽ اڳتي لاءِ لائحه عمل تيار ڪيو ويندو

ڪمال چانگ جي اڳواڻي ۾ پ پ پ کان بغاوت ڪري مقابلو ڪرڻ جو اعلان ڪندڙ مايوسي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ايم ڪيو ايم ۽ جميعت علماءِ اسلام ف ۽ مسلم ليگ ن وچ ۾ چونڊ اتحاد جي اعلان ڪانپوءِ عام تاثر اهو آهي ته ايندڙ سال فيبروري ۾ ملڪ ۾ ٿيندڙ عام چونڊن ڪانپوءِ وفاق ۽ پنجاب ۾ مسلم ليگ ن جي حڪومت ۽ سنڌ ۾ به مسلم ليگ ن جي ڊي اي، ايم ڪيوايم، جي يو آءِ ۽ ٻين اتحادين جي گڏيل حڪومت ٺهڻ جا وڌيڪ امڪان آهن ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪي اين شاهه ۾ سماجي تنظيم پاران ٻوڏ متاثرن ۾ ٻڪريون ورهايون ويون، تقريب منعقد

ايم ڊي ايف پاران ڪي اين شاهه جي يوسي گوزو ۽ يوسي ٻرڙا ۾ غريب عورتن کي مال ڏنو ويو

هي غريب عورتن جي وڏي مالي مدد آهي هن نيڪ ڪم ۾ هن تنظيم کي جس ڏيان ٿو: ڊي سي دادو

اسان جي ٽيم ڪيترن ئي مهينن کان يوسي گوزو ۽ ٻرڙو جي ڳوٺن ۾ ڪم ڪيو آهي: ايڊمن محمد اشرف

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو خيرپور ناٿن شاهه سماجي اداري ايم ڊي ايف پاران ڪي اين شاهه جي يوسي گوزو ۽ يوسي ٻرڙا غريب عورتن کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ چوپاو مال ٻڪرين جي ورهاست ڪرڻ جي پروقار تقريب ٿي گذري هن تقريب جو مهمان خاص ڊي سي دادو فياض احمد راهوجو هو جڏهن ته ٻين اين جي اوز جا مينيجر به شامل هئا. جڏهن ته هن تقريب ۾ آيل عورتن کي ايم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

دادو: ڪي اين شاهه ۾ سماجي تنظيم پاران ٻوڏ متاثرن ۾ ٻڪريون ورهائڻ واري تقريب جو ڏيک

ناروشاهه ۽ هريپور ريلوي ڦاٽڪ وٽ
نوشهروفيروز جي رهواسين کان سوا
لک روپيا ڦر

نوشهرو فيروز(ڊ ر) ناروشاهه ۾ هريپور ريلوي ڦاٽڪ وٽ نوشهروفيروز جي رهواسين کان سوا لک روپيا روڪ ۽ 2 موبائل فونون ڦر. بيڪري سيلزمين عرفان تاج ميمڻ ۽ ثاقب عمران ميمڻ جي چئن هٿيارٻندن سوزوڪي روڪي سندن مٿان پستول تاڻي اها ڦر ڪئي ۽ آسانيءَ سان فرار ٿي ويا. عرفان تاج ميمڻ ٻڌايو ته سندن پوري ضلعي ۾ بيڪري سامان وڪرو جو ڪاروبار آهي اڳ به اهڙي قسم جون به ڦرون ٿيون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سنڌ سميت سڄي دنيا جي هندو برادريءَ کي ڏياريءَ جون واڌايون هجن: نگران وڏو وزير

سنڌ ۾ سيئي ماڻهو محبت ۽ ڀائيچاري سان خوشيون ملهائيندا آهن: مقبول باقر

ڏياري روشنين سان گڏ هڪ خوشين جو تهوار آهي، نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر سنڌ سميت سڄي دنيا جي هندو برادريءَ لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي چيو آهي ته هندو برادري، کي ڏياريءَ تهوار جون واڌايون هجن. هن چيو ته ڏياري روشنين سان گڏ هڪ خوشين جو تهوار آهي. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان جي آئين ۾ اقليتن کي برابري، جا حق حاصل آهن ۽ سنڌ ۾ سيئي ماڻهو محبت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR

www.dailysindhyar.com

سومر 13 نومبر 2023ع

تڙي طبيبنِ، گهايلُ گهران ڪَڍيو:

چِڪيا چاڪَ چِيهُون ڪري، ڪَرُيُون مور نه ڪَنِ؛

دوستَ جي درسنَ سين، پَئي ٿارُ ٿِيَنِ.

سامراجي قوتن اڳيان بيوس سلامتي ڪائونسل

جاويد پٽي

78 سال اڳ 24 آڪٽوبر 1945ع ۾ ٻي مهاڀاري جنگ جي خاتمي کانپوءِ گڏيل قومن واري اداري جنگ کي روڪڻ، بين الاقوامي امن ۽ سلامتي کي برقرار رکڻ، مختلف قومن وچ ۾ دوستاڻا لاڳاپا قائم ڪرڻ ۽ بين الاقوامي مسئلن جي حل واري مختصر ايجنڊا تحت پنهنجو ڪم شروع ڪيو. انهن ٻئي ڏينهن ۾ دنيا ٻن عالمي جنگين جي ڪري تباهه ٿي چڪي هئي ۽ هر ملڪ جي خواهش هئي ته ڪو اهڙو ادارو هجي، جيڪو عالمي امن جي مسئلن کي گڏيل نموني حل ڪري ۽ ملڪن وچ ۾ وڏيڪ جنگين کي روڪي سگهي.

ٻي جنگ عظيم کانپوءِ فاتح ملڪن گڏيل قومن جو چارٽر لکيو ۽ دنيا ۾ امن ۽ استحڪام جي محافظ ۽ باني طور پنجن ملڪن کي اهم مسئلن تي ويٽو جو حق ڏنو ۽ انهن کي سلامتي ڪائونسل جو مستقل ميمبر نامزد ڪيو ويو. 24 آڪٽوبر 1945ع تي 50 ملڪن گڏيل قومن جي ان چارٽر تي صحيون ڪري گڏيل قومن جي قيام تي اتفاق ڪري ان جي منظوري ڏئي ان کان ڪم شروع ڪرايو ويو. گذريل 78 سالن دوران دنيا ڪيترين ئي جنگيون ڏٺيون پر خوشقسمتي سان انهن ۾ اڄ تائين ڪا به ٽئين عالمي جنگ ناهي ٿي. ان ۾ گڏيل قومن پنهنجو ڪردار ادا ڪيو پر ڪيترن ئي اهم معاملن ۾ گڏيل قومن وارو ادارو اهم تڪرارن جي حل ۾ مڪمل طور تي ناڪام ويو آهي. جنهن سبب ڪيترائي عالمي بحران اڄ به موجود آهن. هن وقت گڏيل قومن واري اداري جي عمر 80 سالن تائين پڄڻ واري آهي پر ان جي مايوس ڪندڙ ڪارڪردگي جي ڪري دنيا اڄ به ٽئين عالمي جنگ ڏانهن وڌي رهي آهي.

سلامتي ڪائونسل جي ڪجهه ميمبرن کي ويٽو جو اختيار ڏئي طاقت جي توازن ۾ بگاڙ آندو ويو هو. ان ڪري بين الاقوامي امن ۽ سلامتي به خطري ۾ پيل آهي. ڇو جو اهي ملڪ پنهنجي مفادن جي بنياد تي سلامتي ڪائونسل کي استعمال ڪري رهيا آهن. سچ اهو آهي ته طاقت جي ان غلط استعمال سان دنيا هاڻ ڪنهن وڏي خوني ويڙهه ڏانهن وڌي رهي آهي. گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جا هن وقت 193 ميمبر آهن پر انهن جي سلامتي ڪائونسل جي 5 مستقل ميمبرن اڳيا ڪا حيثيت ئي ناهي. گذريل ٻن سالن کان دنيا ۾ ٻين ڪيترن ئي بحرانن سان گڏ فلسطين ۽ يوڪرين جو جهيڙو عروج تي پهچي ويو آهي. آمريڪا ۽ ان جا اتحادي ان مسئلي تي سلامتي ڪائونسل ۾ وڃن ٿا ته روس ۽ ان جا اتحادي ان کي ويٽو ٿا ڪري ڇڏين ان ڪري سلامتي ڪائونسل به ان مسئلي ۾ ناڪامي جو اعتراف ڪيو آهي ۽ ان "ٽگ آف وار" کي هن وقت به انساني معاشري لاءِ هڪ وڏو خطرو سمجهيو پيو وڃي. هڪ اهڙو خطرو جيڪو سپر پاورز کي ايٽمي جنگ ڏانهن ڌڪي سگهي ٿو.

اڄان يوڪرين واري معاملو هلي ئي پيو ته فلسطينين جي هڪ ننڍڙي ڌڙي سپر پاورز آمريڪا، برطانيا، فرانس، جرمني جي لاڏلي اسرائيل سان جنگ شروع ڪري ڇڏي. آمريڪا ۽ ان جي اتحادين کي خواب ۽ خيال ۾ به نه هو ته اهو ننڍڙو ڌڙو انهن لاءِ ايترو مٿي جو سور ثابت ٿيندو. انهن جو اندازو هو ته هڪ هفتي ۾ بمباري ڪري انهن کي هو تباهه ڪري ڇڏيندا پر اها انهن جي غلط فهمي هئي. هڪ مهينو ٿي ويو آهي ۽ اهو بحران وڌي ٿو وڌندو. ان انساني ۽ اخلاقي تباهي جا نتيجا نه صرف انهن ڌرين کي متاثر ڪندا پر خطي جي ٻين ملڪن تي به ان جا اثر پوندا ۽ جيڪي عرب ملڪ ان ويڙهه کان پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. اهي به ان جي وڪڙ ۾ اچي ويا آهن. اڄ غزه جيڪو قبرستان بڻجندو وڃي، اسرائيل فلسطينين جي نسل ڪشي ڪرڻ ۾ پورو آهي. حماس وٽ قيدين جي زندگي خطري ۾ پيل آهي. اتي امن ۽ عالمي سلامتي کي برقرار رکڻ لاءِ ۽ ان مسئلي جي حل ۾ ٺاهڪڙي ڪرڻ لاءِ دنيا ۾ ڪو اهڙو ادارو ناهي. جيڪو ان مسئلي کي حل ڪري. گڏيل قومن، ان جي جنرل اسيمبلي ۽ سلامتي ڪائونسل جنگ کي روڪڻ لاءِ صرف پريس رليز جاري ڪرڻ تائين محدود ٿي وئي آهي. جنگبندي لاءِ ڪاهي ڌر روس چين، ايران ۽ ان جي اتحادين ڪيترين ئي قراردادون پيش ڪيون پر آمريڪا پهلوانن جيان اسرائيل جي ڍال بڻجي پنهنجي اتحادين برطانيا، فرانس ۽ ٻين ملڪن سان گڏجي هر جنگبندي کي ويٽو ڪري پنهنجي من ماني ڪرڻ ۾ پورو آهي. جنهن تي سلامتي ڪائونسل يوڪرين جيان وري به هٿ مٿي ڪٿي ڀئي ڇئي ته اسان بي وس آهيون. ڪجهه نه ٿا ڪري سگهون. اهوئي سبب آهي جو گڏيل قومن جي انساني حقن واري تنظيم OHCR جي نيويارڪ ۾ ڊائريڪٽر ڪريگ مکهير غزه تي اسرائيل جي حملي بعد عالمي اداري جي ناڪامي تي پنهنجي عهدي تان استعيفا ڏني آهي. جنهن 28 آڪٽوبر تي جنيوا ۾ گڏيل قومن جي هاءِ ڪمشنر کي لکيل خط ۾ چيو آهي ته "اسان هڪ ڀيرو ٻيهر ڪنهن قوم جي نسل ڪشي پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا آهيون. ۽ جنهن اداري لاءِ اسان ڪم ڪري رهيا آهيون. اهو ان نسل ڪشي کي روڪڻ ۾ مڪمل طور تي بي وس آهي. هاڻ اسان انهن سپر پاورز جي فلسطينين جي نسل ڪشي جي ون پوائنٽ ايجنڊا جو حصو نه ٿيندا سون."

سلامتي ڪائونسل ۾ دنيا جي ٽن اهم ۽ طاقتور ميمبرن آمريڪا، فرانس، برطانيا ۽ يورپ جا ٻيا وڏا ملڪ جرمني ۽ اٽلي به ان جهيڙي ۾ اسرائيل جا ساٿاري بڻيا بيٺا آهن. انهن جي پاليسين سبب ٺاهڪڙي وارا رستا به بند ٿي ويا آهن. جڏهن ته آمريڪي ۽ برطانوي حڪومتن جي اڳواڻن جي يهودي نواز پاليسي ۽ بيان بازي سان پوري مسلم دنيا ۾ باهه ٻري پئي آهي ۽ آمريڪا ۾ به ڪروڙين عيسائي ۽ مسلمان شهرين کي گهٽتي ۾ وڌو آهي. جنهن سان جنگ ۾ شدت ۽ پوري دنيا ۾ احتجاج شروع ٿي ويا آهن. جڏهن عوام روڊن تي نڪري ايندو آهي ته پوءِ ادارا بي وس بڻجي ويندا آهن. هاڻ اسرائيل ۽ حماس جي جنگ هڪ مذهبي جنگ ۾ تبديل ٿي وئي آهي. ان ڪري ئي گڏيل قومن جي ادارن جي عملدارن چوڻ شروع ڪيو آهي ته هاڻ سلامتي ڪائونسل جي ويٽو پاور کان وڌيڪ اهو مسئلو دنيا جي مذهبن وچ ۾ وڏي ويڙهه ۾ تبديل ٿيندو پيو وڃي. ان ڪري اسان کان ڳالهه مٿي چڙهي وئي آهي. سلامتي ڪائونسل جي مستقل ميمبرن هاڻ ان جنگ کي پروپيگنڊا وار ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي.

پهرين ۽ ٻي مهاڀاري جنگ بعد به انهن ٿي سپر پاورز جي هڪ هٽيءَ سبب ليگ آف نيشن به مڪمل طور ناڪام ٿي وئي ۽ ان جي ڪري گڏيل قومن جو وجود پيو پر هاڻ حالتون ان کان به وڌيڪ خراب ٿينديون پيون وڃن. چين هن وقت صدين کان جهيڙن ۾ مصروف عرب ملڪن کي پاڻ ۾ ڪير ڪنڌ ڪري ڇڏيو آهي. گڏيل قومن جي ناڪام پاليسين جي ڪري دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن پنهنجي طور فيصلا ڪرڻ شروع ڪيا آهن. فلسطينين جي نسل ڪشي خلاف تيونس جي پارليامينٽ اسرائيل سان لاڳاپن کي معمول تي آڻڻ کي تاريخي ڏوهه قرار ڏيندي چيو آهي ته صيهوني وجود جو اعتراف يا ان سان سڌا يا اڻ سڌا لاڳاپا قائم ڪرڻ هڪ "سنگين غداري" آهي. ان جي سزا ڇهه کان ڏهه سال قيد يا ڏهه هزار تيونسي دينار يعني ٽيهه هزار يورو جو ڏنڊ آهي. تيونس گڏيل قومن کان گهر ڪئي آهي ته فلسطين کي درياهه کان سمنڊ تائين آزاد ملڪ قرار ڏئي ان جو گادي وارو هنڌ بيت المقدس کي قرار ڏنو وڃي ۽ انهن جي نسل ڪشي بند ڪئي وڃي. بحرين، ترڪي، ايران، ڏکڻ آفريڪا ۽ ٻين ملڪن به سلامتي ڪائونسل پاران ڪجهه نه ڪري سگهڻ سبب اسرائيل سان ناتا ٽوڙي ڇڏيا آهن.

هڪ "نام نهاد قاعدن ۽ قانونن تي مشتمل بين الاقوامي نظام" ناڪام ٿي ويو آهي آمريڪي داداگيري جي ڪري هاڻ ان جي ٽئين قيادت بابت سوال اڀري رهيا آهن ۽ سوال اهو به اڀري رهيو آهي ته اهو نئون نظام ڪيئن لاڳو ڪجي؟ اهو واضح آهي ته جڏهن عالمي طاقتون پاڻ ۾ وڙهنديون آهن ته پوءِ بين الاقوامي قانون يا بين الاقوامي معاهدن جي ڪا به اهميت ناهي رهندي، جنهن سان عالمي مفادن کي به نقصان پهچندو آهي. هن وقت نظرياتي دشمني سان ان نظام کي هلايو پيو وڃي.

سنڌ ۾ قبيلائي ويڙهه سبب ٿيندڙ نقصان

تحرير: ذلفي چاچڙ

سنڌ ۾ ايامن کان جاري قبيلائي جهيڙن ۾ قتل ٿيندڙ ماڻهن جو جيڪڏهن الڳ قبرستان ٺاهيو وڃي ها ته هوند اهو قبرستان دنيا جو نه سهي پر ايشيا جو سڀ کان وڏو قبرستان ضرور هجي ها. هتي ڪو اهڙو ڏينهن خالي ناهي هوندو جنهن ڏينهن سنڌ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪو ڳڀرو قبيلائي ويڙهه ۾ پنهنجي زندگي نه وڃائي هجي. اهڙن ڏکوئيندڙ واقعن جون خبرون روز اسان جي سماعتن تائين پهچن ٿيون. قبيلائي جهيڙا جيڪي بدقسمتيءَ سان اسان جي حياتي جو حصو ۽ سنڌي سماج جي جڻ ته هڪ سڃاڻپ بڻجي چڪا آهن. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ ۾ ٿيندڙ ان قسم جي واقعن کي ڏسي ۽ ٻڌي دنيا تعجب ۾ پئجي ويندي آهي ۽ معمولي ڳالهين تي ماڻهن جي قتل تي پنهنجي حيرانگي ظاهر ڪندي رهندي آهي. پر اسان جو سماج، ميڊيا توڙي قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ان واقعن کي گهربل ڌيان ۽ اهميت ناهن ڏيندا. ڇا ڪاڻ ته ڊاڪٽر اجمل ساوند ۽ جان محمد مهر جي قتل جهڙا واقعا اسان وٽ روز جو معمول بڻجي ويا آهن.

سنڌ ۾ رڳو هڪ ڏينهن جي اندر مختلف شهرن ۾ قبيلائي جهيڙن ۾ ٻن سڳن ڀائرن سميت ڇهه ڄڻا قتل ٿي ويا آهن ۽ ٻن درجن کان وڌيڪ ماڻهو سخت زخمي ٿي پيا آهن. خبر موجب دادو ويجهو ڪاڇي جي قصبي واري علائقي ۾ لغاري ۽ بروهي برادري ۾ ٽيل ويڙهه ۾ ٻن سڳن ڀائرن سوڌو ٽي ڄڻا گولين جو ڪاچ بڻجي ويا. ٽنڊو حيدر ويجهو زمين جي مالڪي تان ٻوچ برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٽيل ويڙهه جي نتيجي ۾ به ڄڻا محمد ارشد ۽ گل محمد قتل ٿي ويا.

ٻئي طرف مانجهند لڳ انڙ پور جي ڪچي ۾ ڪوسا ۽ ماڇي تڪرار تان هڪ شخص دوست علي ڪوسو قتل ٿي ويو آهي. جڏهن ته فائرنگ ۾ چار ڄڻا ڦٽي پڻ ٿيا آهن. ان سان گڏ ساڳئي ڏينهن تي نصير آباد، ٽنڊو مستي ۽ جهول ۾ پڻ اهڙا واقعا پيش آيا آهن. جنهن ۾ مجموعي طور تي پندرنهن ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا آهن. جن جي حالت نازڪ ٻڌائي پئي وڃي.

قبيلائي جهيڙن ۾ نه رڳو ڪٽنب ۽ برادريون متاثر ٿين ٿيون، پر ان عمل سان تعليمي ۽ ترقي جو سرشتو پڻ متاثر ٿئي ٿو جنهن سان قوم ترقي واري ڊوڙ ۾ دنيا جي ٻين قومن کان گهڻو پٺتي رهجي ويندي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ اتان جي پيداواري وسيلن تي ٻيا ماڻهو قابض ٿي ويندا آهن. قبيلائي جهيڙن سبب علائقائي امن امان جي صورتحال سدائين خراب رهڻ سبب ڪيترائي مسئلا پيدا ٿين ٿا. جيڪي اڳتي هلي تباهه ڪن ثابت ٿيندا آهن. ڇا ڪاڻ ته ان سان ٻهراڙي جي تعليم جيڪا هوندي به نه هجڻ جي برابر آهي، سخت متاثر ٿئي ٿي، جنهن سان ٻهراڙي جي ٻارن جو مستقبل تباهه ٿي ويندو آهي ۽ اهي مقابلي جي ميدان ۾ پٺتي رهجي ويندا آهن. جن جي جاءِ اچي ڌاريا والاري ويندا آهن. جنهن سبب شهري ۽ ٻهراڙي جي زندگي ۾ تمام گهڻو فرق پيدا ٿي رهيو آهي.

